اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: الله پاڪ جي 99 نالن جون برڪتون
ڇاپو پهريون: ربيع الثاني 1442ھ، نومبر 2020ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# الله پاڪ جي 99 نالن جون برڪتون

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## اللّٰه پاڪ جي 99 نالن جون برڪتون


دعاءِ عطار ........................................ 1

درود شريف جي فضيلت ........................................ 1

توهان انسان آهيو يا جِنّ؟ ........................................ 1

99 اَسماءِ حُسنٰي ۽ انهن جا فضائل ........................................ 3

گلوڪار دعوتِ اسلامي ۾ ڪيئن آيو؟ ........................................ 17

99 اَسماءِ حُسنٰي جي خواب ۾ ترغيب ........................................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اللّٰہ پاڪ جي 99 نالن جون برڪتون

## دعاءِ عطار

يااللّٰہ پاڪ! جيڪو 16 صفحن جو رسالو ”اللّٰہ پاڪ جي 99 نالن جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن جي روزي ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان تي دنيا و آخرت ۾ پنهنجو خاص فضل و ڪرم فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن مون تي 100 ڀيرا درود شريف پڙهيو اللّٰہ پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هيءُ نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي بروزِقيامت شهداء سان گڏ رکندو. (معجم اوسط، ج5 ص84، حديث7235، دارالکتب العلميہ بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## توهان انسان آهيو يا جِنّ؟

مشهور صحابي حضرت سيّدُنا ابودَرداء رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ٻانهيءَ ڪين هڪ ڏينهن عرض ڪيو، حضور! سچ ٻڌايو تہ توهان انسان آهيو يا جنّ؟

فرمايائون، ” اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه مان انسان ئي آهيان.“ چوڻ لڳي، مون کي تہ انسان نٿا لڳو چو تہ مان چاليهن ڏينهن کان لاڳيتو توهان کي زهر کارائي رهي آهيان پر توهان تي ان جو ڪو اثر ئي نہ ٿو ٿئي.“ فرمايائون، چا توکي خبر ناهي جيڪي ماڻهو هرحال ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪندا رهندا آهن، انهن کي ڪا شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي، ۽ مان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه **اسمِ اعظم** سان گڏ الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهيان. پُڇيائين”اهو **اسمِ اعظم** ڪهڙو آهي؟“ فرمايائون، (مان هر پيري کائڻ پيئڻ کان پهريان هي پڙهي ڇڏيندو آهيان)

بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَا یَضُرُّ مَعَ اسۡمِه شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡم

(يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪا شيءِ نقصان نٿي پهچائي سگهي ۽ اهو ٻُڌڻ جاڻڻ وارو آهي)

ان کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کانئس پُڇيو تہ تو ڪهڙي سبب کان مون کي زهر ڏنو؟ عرض ڪيائين مون کي اوهان سان بغض هيو، هي جواب ٻُڌندي ئي پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمايو، تون **لِوَجۡهِ اللّٰه** (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ) آزاد آهين. ۽ تو مون سان جيڪو ورتاءُ ڪيو اهو بہ مون توکي مُعاف ڪيو. (حياة الحيوٰنُ الكُبريٰ جلد اول ص 391، فيضانِ بسم الله ص158، مكتبة المدينہ ڪراچي)

# 99 اَسماءِ حُسنيٰ ۽ انهن جا فضائل

**هر** ورد جي اوّل ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ونو، فائدو ظاهر نہ ٿيڻ جي صورت ۾ شڪايت ڪرڻ بدران پنهنجي ڪوتاهين جي شامت تَصَوُّر ڪندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مصلحت تي نظر رکندا.

(1) يَـا اَللّٰهُ: جيڪو هر نماز کان پوءِ 100 ڀيرا پڙهي اِنْ شَـآءَاللّٰه سندس باطن ڪشادو (**اندر اُجرو**) ٿيندو.

(2) هُوَ اللّٰهُ الرَّحِيمُ: جيڪو هر نماز کانپوءِ 100 ڀيرا پڙهندو. اِنْ شَـآءَاللّٰه شيطان جي شر کان محفوظ رهندو. ۽ سندس خاتمو ايمان تي ٿيندو.

(3) يَا قُدُّوسُ: جيڪو بہ سفر جي دؤران ورد ڪندو رهي، اِنْ شَـآءَاللّٰه ٿڪاوٽ کان محفوظ رهندو.

(4) يَا رَحْمٰنُ: جيڪو صبح جي نماز کانپوءِ 298 ڀيرا پڙهندو خدا عَزَّوَجَلَّ ان تي گهڻو رحم ڪندو. اِنْ شَـآءَاللّٰه

(5) يَا رَحِيمُ: جيڪو بہ هر روز 500 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَـآءَاللّٰه دولت ماڻيندو ۽ مخلوق مٿس مهربان ۽ شفيق ٿيندي.

(6) يَا مَلِكُ: 90 ڀيرا جيڪو غريب ۽ نادار روزانو پڙهندو، اِنْ شَـآءَاللّٰه ڪيس غربت کان ڇوٽڪارو ملندو.

(7) يَا سَلَامُ: 111 ڀيرا پڙهي ڪري بيمار تي دم ڪرڻ سان اِنْ شَـآءَاللّٰه شفا حاصل ٿيندي.

(8) يَا مُؤمِنُ: جيڪو 115 ڀيرا پڙهي ڪري پاڻ تي دم ڪري اِنْ شَآءَالله تندرستي ماڻيندو.

(9) يَا مُهَيمِنُ: 29 ڀيرا روزانو پڙهڻ وارو اِنْ شَآءَالله هر آفت ۽ بلا کان محفوظ رهندو.

(10) يَاعَزِيزُ: 41 ڀيرا حاڪم يا آفيسر وغيره وٽ وڃڻ کان پهريان پڙهي اِنْ شَآءَالله حاڪم يا آفيسر مهربان ٿي ويندو.

(11) يَا جَبَّارُ: جيڪو ان جو مسلسل ورد رکندو پنهنجي غيبت کان اِنْ شَآءَالله بچيل رهندو.

(12) يَا مُتَكَبِّرُ: 21 ڀيرا روزانو پڙهي وٺو ڀوائتا (**ڊيڄاريندڙ**) خواب ايندا هوندا ته اِنْ شَآءَالله خواب ۾ نه ڊڄندؤ. (**علاج جي مدت: شفاءَ ملڻ تائين**)

يَا مُتَكَبِّرُ: زال (**ٽهرواريءَ**) سان ”ميلاپ“ کان اڳ ۾ 10 ڀيرا پڙهڻ وارو اِنْ شَآءَالله نيڪ پٽ جو پيءُ بڻبو.

(13) يَا خَالِقُ: جيڪو 300 ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَالله ان جو دشمن هِيسيَل (**مغلوب**) ٿيندو.

(14) يَا بَارِئُ: جيڪو 10 ڀيرا هرجمعي تي پڙهي وٺندو اِنْ شَآءَالله ان کي پٽ عطا ٿيندو.

(15) يَا مُصَوِّرُ: جيڪا **سُنڍ** (ٻار نہ ڄڻيندڙ) عورت ست روزا رکي ۽ افطار مهل 21 ڀيرا **اَلْمُصَوِّرُ** پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پيئي ڇڏي الله عَزَّوَجَلَّ کيس نيڪ پٽ عطا ڪندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

(16) يَاغَفَّارُ: جيڪو هن کي سدائين پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه نفس جي بري خواهشن کان ڇوٽڪارو ماڻيندو

(17) يَاقَهَّارُ: جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي تہ 100 ڀيرا پڙهو. اِنْ شَآءَاللّٰه مشڪل آسان ٿي ويندي

(18) يَا وَهَّابُ: جيڪو روزانو 7 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه **مُستَجَابُ الدعوات** ٿيندو (**يعني سندس هر دعا قبول ٿيندي**.)

(19) يَا رَزَّاقُ: جيڪو فجر جي فرض ۽ سنت جي وچ ۾ 41 ڏينهن تائين 550 ڀيرا پڙهندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه دولتمند ٿيندو.

(20) يَا فَتَّاحُ: جيڪو روزانو فجر جي نماز کانپوءِ 70 ڀيرا ٻئي هٿ سيني (**ڇاتيءَ**) تي رکي ڪري پڙهي. اِنْ شَآءَاللّٰه ان جي دل جو ڪَٽُ ۽ مير لهي ويندو.

يَا فَتَّاحُ: جيڪو روزانو ست ڀيرا (**پوري ڏينهن ۾ ڪهڙيءَ مهل بہ**) پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه سندس دل روشن ٿيندي.

(21) يَا عَلِيمُ: جيڪو هن اسم شريف کي گهڻو پڙهندو الله تعالي کيس دين ۽ دنيا جي معرفت عطا فرمائيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

(22) يَا قَابِضُ، يَابَاسِطُ: جيڪو روزانو 30 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه اهو دشمن تي سوڀ ماڻيندو.

(23) يَابَاسِطُ: جيڪو 40 ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه خلق کان بي پرواهه ٿيندو.

(24) يَاخَافِضُ: جيڪو 500 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه دشمن کان اَمان ۾ رهندو.

(25) يَا رَافِعُ: جيڪو روزانو 20 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه سندس مراد پوري ٿيندي.

(26) يَامُعِزُّ: جيڪو هن کي جمعي جي رات سومهڻي (**عشاءَ**) جي نماز کانپوءِ 140 ڀيرا پڙهي تہ مخلوق جي نظر ۾ سندس عزت، حرمت ۽ هَيبَت وڌندي. اِنْ شَآءَاللّٰه

(27) يَاحَكَمُ: جيڪو پنج ئي وقت هر نماز کانپوءِ 80 ڀيرا پڙهي وٺندو تہ کنهن جو محتاج نہ ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

(28) يَابَصِيْرُ: جيڪو روزانو7 ڀيرا عصر جي وقت (**يعني ٽيپهريءَ جو وقت شروع ٿيڻ کان سج لٿي تائين جهڙي مهل بہ**) پڙهي وٺندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه اوچتو موت کان محفوظ رهندو.

(29) يَا سَمِيْعُ: جيڪو 100 ڀيرا روزانو پڙهي ۽ انهيءَ وچ ۾ ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائي ۽ پڙهي ڪري دعا گهري تہ اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھہ گهرندو سُو ماڻيندو.

(30) يَا مُذِلُّ، يَا مُعِزُّ: جيڪڏهن ڪو 75 ڀيرا پڙهي ڪري سجدو ڪري ۽ چوي "**ياالهي** عَزَّوَجَلَّ! **فلاڻي ظالم جي شر ڪان مونکي محفوظ رک**" **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪيس امان ڏيندو ۽ پنهنجي حفاظت ۾ رکندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

(31) يَا عَدْلُ: جيڪو مغرب (**سج لٿي**) جي نماز کانپوءِ (**هزار**) 1000 ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه آسماني آفتن کان نجات ماڻيندو.

(32) يَا لَطِيْفُ: ڏيئرن (**نياڻين**) جا نصيب کلڻ ۽ مرضن کان صحت ۽ مشڪلن کان نجات جي لاءِ هر روز تحية الوضو (**يعني تازو وضو ڪري ٻہ رڪعتون ادا ڪرڻ**) ڪان پوءِ 100 ڀيرا پڙهي ونندا ڪريو.

(33) يَا خَبِيْرُ: جيڪو نفسِ اَمَّاره (**يعني برائيءَ ڏانهن مائل ڪندڙ نفس**) جي هٿان گرفتار هجي تہ هر روز وظيفو ڪندو رهي اِنْ شَآءَاللّٰه ڇوٽڪارو ماڻيندو.

(34) يَا حَلِيْمُ: جيڪڏهن ڪو هن اسم شريف کي ڪاغذ تي لکي ۽ پوءِ ان کي ڌوئي ڪري اهو پاڻي پنهنجي فصل ۾ ڇٽڪاري ڇَڏي، اِنْ شَآءَاللّٰه پوک هر آفت کان حفاظت ۾ رهندي.

(35) يَاعَظِيمُ: جيڪو 7 ڀيرا پاڻيءَ تي دم ڪري پيئي اِنْ شَآءَاللّٰه سندس پيٽ ۾ سور نه ٿيندو.

(36) يَاغَفُوْرُ: جنهن کي مٿي جو سور يا ڪا بيماري يا غم پيش اچي ته 3 ٽي ڀيرا يا غفور جي مقطعات لکي ڪري (يعني هن اسم پاڪ تي ڪاغذ تي لٽي ان جي آلي مَس تي ماني جو ٽڪرو لڳائي مانيءَ ۾ جذب ڪري وٺجي ۽) ڪائي ڇڏي. اِنْ شَآءَاللّٰه شفاء ماڻيندو.

(37) يَاشَكُوْرُ: جيڪو 5000 (پنج هزار) ڀيرا روزانو پڙهندو رهندو ته اِنْ شَآءَاللّٰه قيامت جي ڏهاڙي عزت ماڻيندو.

(38) يَاعَلِيُّ: جيڪو ورم (يعني سوڄ) تي ٽي ڀيرا پڙهي دم ڪري ته اِنْ شَآءَاللّٰه صحت ماڻيندو.

(39) يَاكَبِيْرُ: جيڪو 9 ڀيرا ڪنهن بيمار تي پڙهي دم ڪري ته اِنْ شَآءَاللّٰه صحت ياب ٿيندو.

(40) يَاحَفِيْظُ: جيڪو 16 ڀيرا روزانو پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه هر طرح کان بهادر رهندو.

(41) يَامُقِيْتُ: جنهن جي اک ڳاڙهي ٿي پوي ۽ سور پوي ته 10 ڀيرا پڙهي دم ڪري ڇڏي.

(42) يَاحَسِيْبُ: جيڪو هر روز 70 (ستر) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه هر آفت کان محفوظ رهندو.

(43) يَا جَلِيۡلُ: 10 ڀيرا پڙهي ڪري جيڪو پنهنجي مال ۽ سامان ۽ رقم وغيره تي دم ڪري ته اِنۡ شَآءَاللّٰه چوري کان محفوظ رهندو.

(44) يَـا كَرِيۡمُ: جيڪڏهن ڪو پنهنجي بستري ۾ هن کي پڙهندي پڙهندي سمهي پوي ته فرشتا هن جي لاءِ دعا ڪندا. اِنۡ شَآءَاللّٰه

(45) يَا رَقِيۡبُ: جيڪو ٽي ڀيرا پڙهي ڦٽ ڦرڙي تي دم ڪري ته اِنۡ شَآءَاللّٰه شفا حاصل ٿيندي .

(46) يَا مُجِيۡبُ: جيڪو ٽي ڀيرا پڙهي ڪري ڪنهن تي دم ڪندو ته اِنۡ شَآءَاللّٰه سندس متي جو سور ختم ٿي ويندو.

(47) يَاوَاسِعُ: جنهن کي وچون ڏنگي 70 ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪري ته اِنۡ شَآءَاللّٰه ڪيس زهر اثر ڪونه ڪندو .

(48) يَاحَكِيۡمُ: 80 ڀيرا روزانو پنجن ئي نمازن کان پوءِ پڙهندو رهي ته اِنۡ شَآءَاللّٰه ڪنهن جو محتاج نه ٿيندو.

(49) يَاوَدُوۡدُ: هن اسم کي 1000 (هزار) ڀيرا پڙهي کاڌي تي دم ڪري جنهن سان ناراضگي هجي ان کي کارائي ڇڏجي ته اِنۡ شَآءَاللّٰه دشمني ختم ٿي ويندي.

(50) يَـا مَـجِيۡدُ: جيڪو گرمين ۾ هن کي پڙهندو ته اِنۡ شَآءَاللّٰه اُڄ کان محفوظ رهندو.

(51) يَـابَـاعِثُ: جيڪو ست پيرا پڙهي پاڻ تي دم ڪري ڪنهن حاڪم آڏو وڃي ته اِنْ شَآءَاللّٰه حاڪم مٿس مهربان ٿيندو.

(52) يَا شَهِيْدُ: 21 پيرا صبح جو (سج اڀرڻ کان اڳ ۾) نافرمان ٻار يا ٻارڙيءَ جي پيشانيءَ تي هٿ رکي آسمان ڏانهن منهن ڪري جيڪو پڙهي ته اِنْ شَآءَاللّٰه سندس اهو ٻار يا ٻارڙي نيڪ ۽ فرمانبردار بڻبا.

(53) يَاحَقُّ: جيڪڏهن قيدي اڌ رات جو اگهاڙي مٿي 108 (هڪ سؤ اٺ ) پيرا پڙهي ته اِنْ شَآءَاللّٰه قيد کان آزادي ماڻيندو.

(54) يَاوَكِيْلُ: جيڪو 7 پيرا روزانو ٽيپهريءَ مهل پڙهي وٺي ته اِنْ شَآءَاللّٰه آفتن کان پناهه ۾ رهندو.

(55) يَاقَوِيُّ: جيڪڏهن جمعي جي ٻِي ساعت ۾(يعني جمعي جي ڏينهن سج اڀرڻ کان وٺي هڪ ڪلاڪ ٽائين پهرين ساعت هوندي آهي سو ٻئي ڪلاڪ ۾) گهڻو پڙهندو ته اِنْ شَآءَاللّٰه نِسيان (يعني وِسرو) جو مرض ختم ٿي ويندو.

(56) يَا مَتِيْنُ: جنهن ٻار کان ٿڃ ڇڏائي وئي هجي ان کي ڪاغذ تي لکي پياريو، تسڪين ملندس ۽ جيڪڏهن ماءُ کي کير گهٽ هجي ته انهيءَ اسم شريف کي لکي پياريو ته سندس کير وڌندو.

(57) يَاوَلِيُّ: جيڪو هن اسم پاڪ کي گهڻو پڙهندو ته اِنْ شَآءَاللّٰه سندس زال (گهرواري) فرمانبردار ٿي ويندي.

(58) يَاحَمِيۡدُ: جنهن مان گندين ڳالهين جي عادت نہ ويندي هجي تہ اهو 90 (نوي) ڀيرا پڙهي ڪنهن خالي پيالي يا گلاس ۾ دم ڪري ڇڏي. ضرورت موجب انهيءَ سان پاڻي پيئندو ڪري تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه ان مان فحش گوئي (بيهوده ۽ گارگند) جي عادت نڪري ويندي. (هڪ ڀيرو دم ڪيل گلاس ورهين تائين هلائي سگهو ٿا.)

(59) يَا مُحۡيِیۡ: 7 ڀيرا پڙهي پاڻ تي دم ڪريو، گيس هجي يا پيٽ يا ڪنهن جڳهہ تي سور هجي يا ڪو عضوو ضايع ٿيڻ جو خوف هجي تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه فائدو ٿيندو. (علاج جي مدت؛ شفا ملڻ تائين روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو)

(60) يَا مُحۡيِیۡ، يَا مُمِيۡتُ: روزانو 7 ڀيرا پڙهي پاڻ تي دم ڪري ڇڏيندا ڪريو اِنۡ شَآءَاللّٰه جادو اثر ڪونہ ڪندو.

(61) يَاحَيُّ: جيڪو بيمار هن اسم کي 1000 (هڪ هزار) ڀيرا پڙهي اِنۡ شَآءَاللّٰه صحت ماڻيندو.

(62) يَا قَيُّوۡمُ: صبح جي وقت جيڪو هن کي ڪثرت سان پڙهندو تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه ان جو اثر دلين تي ظاهر ٿيندو. يعني ماڻهو کيس دوست رکندا.

(63) يَا وَاجِدُ: جيڪو ڪاڌو کائڻ مهل هر گِرَهہ (لُقمي) تي پڙهندو اِنۡ شَآءَاللّٰه اُهو ڪاڌو سندس پيٽ ۾ نُور ٿيندو ۽ بيماري دُور ٿيندي.

(64) يَامَاجِدُ: 10 ڀيرا پڙهي ڪري شربت وغيره تي دم ڪري پي ڇڏي اِنۡ شَآءَاللّٰه بيمار نہ ٿيندو.

(65) يَا وَاحِدُ: جنهن کي اڪيلائيءَ ۾ ڀَؤُ ٿيندو هجي اهو 1001 (**هڪ هزار هڪ**) ڀيرا اڪيلائيءَ ۾ پڙهي ڇڏي تہ سندس دل منجهان خوف ختم ٿي ويندو.

(66) يَا اَحَدُ: جيڪو هن اسم شريف کي 9 (**نَوَ**) ڀيرا پڙهي ڪنهن حاڪم وٽ وڃي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عزت ۽ ڪاميابي ماڻيندو جيڪو اڪيلائيءَ ۾ هن کي 1000 (**هڪ هزار**) ڀيرا پڙهي نيڪ بڻجي ويندو.

(67) يَاصَمَدُ: جيڪو هن کي 1000 (**هڪ هزار**) ڀيرا پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه دشمن تي فتح ماڻيندو.

(68) يَا قَادِرُ: جيڪو وضو ڪرڻ دوران هر عضوو ڌوئڻ مهل هي پڙهڻ جو معمول بڻائي اِنْ شَآءَاللّٰه دشمن ڪيس اغواء ڪونہ ڪري سگهندو.

يَا قَادِرُ: ڪابہ مشڪل اچي پوي تہ 41 ڀيرا پڙهي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰه آساني ٿي ويندي.

(69) يَا مُقْتَدِرُ: روزانو جيڪو 20 (**ويهہ**) ڀيرا پڙهي وٺندو ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه رحمتن جي ڇانوَ ۾ رهندو.

يَا مُقْتَدِرُ: جيڪو ننڊ مان سجاڳ ٿي 20 (**ويهہ**) ڀيرا پڙهي وٺندو سندس هر ڪم ۾ مدد الٰهي عَزَّوَجَلَّ شامل ٿي ويندي.

(70) يَا مُقَدِّمُ: جيڪو جنگ يا ڪنهن خوف جي جڳهه تي بيچينيءَ جي حالت ۾ هجي تہ اُهو هن اسم شريف جي ڪثرت ڪري.

(71) يَا مُؤَخِّرُ: هر روز 100 (سؤ) ڀيرا پڙهڻ واري جا سڀ ڪم پورا ٿيندا. اِنْ شَآءَاللّٰه

(72) يَا اَوَّلُ: جيڪو 100 (سؤ) ڀيرا روزانو پڙهندو تہ سندس گهرواري (يعني زال) ساڻس محبت ڪندي. اِنْ شَآءَاللّٰه

(73) يَا آخِرُ: جيڪو ڪنهن جڳهه تي وڃي ۽ هن اسم پاڪ کي پڙهي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه اُتي عزت ۽ توقير (مَانُ) حاصل ڪندو.

(74) يَاظَاهِرُ: گهر جي ڇت تي لکي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه اها ڇت سلامت رهندي.

(75) يَابَاطِنُ: جيڪو ڪنهن کي امانت سونپي يا زمين منجهه دفن ڪري تہ اَلْبَاطِنُ لکي ڪري انهيءَ شيءِ سان گڏ رکي ڇڏي. اِنْ شَآءَاللّٰه ان ۾ ڪو خيانت ڪونہ ڪري سگهندو.

(76) يَاوَالِي: جيڪو ڪنهن ڪوري (اڻ استعمال ٿيل) پيالي تي لکي ان ۾ پاڻي ڀري گهر (جھڳهه) جي در ۽ ديوار تي لڳائي اِنْ شَآءَاللّٰه اهو گهر آفتن کان محفوظ رهندو.

(77) يَا مُتَعَالِي: مشڪل ترين ڪمن لاءِ هن جي ڪثرت بيحد فائديمند آهي.

(78) يَا بَرُّ: جيڪو شخص 7 (ست) پيرا پڙهي ٻار تي دم ڪري **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي سپردگيءَ ۾ ڏيئي ڇڏي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه اُهو ٻار ٻالغ ٿيڻ تائين آفتن ڪان محفوظ رهندو.

(79) يَا تَوَّابُ: جيڪو چاشت جي نماز ڪانپوءِ 360 (ٽي سؤ سٺ) پيرا هن کي پڙهندو تہ **اللّٰه** تعالي کيس تَوبَةُ النَّصوحُ (**يعني سچي توبهہ**) نصيب فرمائيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

(80) يَا مُنْتَقِمُ، يَاعَفُوُّ: دشمن کي دوست بنائڻ لاءِ تن جُمعن تائين هن کي ڪثرت سان پڙهو.

(81) يَاعَفُوُّ: جنهن جا گناهہ گهڻا هجن اهو هن اسم پاڪ جي ڪثرت ڪري **اللّٰه** تعاليٰ پنهنجي فضل سان سندس سيئي گناهہ بخشي ڇڏيندو.

(82) يَا رَءُوْفُ: جيڪو ڪنهن ظالم کان ڪنهن مظلوم جي جان ڇڏائڻ چاهي تہ اُهو 10 (ڏهہ) پيرا پڙهي پوءِ ان ظالم سان ڳالهائي اِنْ شَآءَاللّٰه اهو ظالم سندس سفارش قبول ڪندو.

(83) يَا مَالِكَ الْمُلْكِ: جيڪو هن جي ڪثرت ڪندو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه خوشحال رهندو.

(84) يَـا ذَالْجَلَالِ وَالْاِڪْرَامِ: هن جي ڪثرت سان خوشحالي نصيب ٿيندي هن جي ذريعي دعا گهرڻ سان دعا مقبول ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه

(85) يَـا مُـقْسِطُ: شيطاني وسوسن کان بچڻ لاءِ 100 (سؤ) پيرا پڙهڻ گهڻو فائديمند آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه

(86) يَا جَامِعُ: جنهن جا مٽ مائٽ جُدا ٿي ويا هُجن چاشت جي وقت غُسل ڪري آسمان ڏانهن مُنهن ڪري 10 (ڏهه) پيرا هن اسم شريف کي پڙهي. ۽ هر پيري هڪ آڱر بند ڪندو وڃي پوءِ پنهنجي چهري تي هٿ ڦيري اِنْ شَآءَاللّٰه ٿورڙي عرصي ۾ سڀئي ڪَٺا ٿي ويندا.

(87) يَا غَنِيُّ: ڪِرنگهي جي هڏي، گوڏن، سَنڌن يا جِسمَ ۾ ڪٿي بہ سُور هُجي، هلندي ڦرندي پڙهندا رهو اِنْ شَآءَاللّٰه سور ختم ٿي ويندو.

(88) يَا مُغْنِيُ: هڪ پيرو پڙهي هٿن تي دم ڪري سُور جي جڳهہ تي هٿ گهمائڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه سُڪون ملندو.

(89) يَا مَانِعُ، يَا مُعْطِيُ: زال ناراض هجي تہ مڙس ۽ جيڪڏهن مڙس ناراض هجي تہ زال سمهڻ کان اڳ ۾ بستري تي ويهي 20 (ويهہ) پيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه صلح ٿي ويندي. **(مراد پوري ٿيڻ تائين اهو عمل جاري رکندا)**

(90) يَا ضَآرُّ، يَا نَافِعُ: جنهن کي ڪو منصب ملي ۽ اُهو انهيءَ تي قائم رهڻ چاهي تہ هُو هر جُمعي جي رات ۽ اَيَّام بيض (**يعني اسلامي مهيني جي** 13–14 ۽ 15 **تاريخ**) ۾ (100) سؤ پيرا پڙهي.

(91) يَا نَافِعُ: جيڪو ڪنهن ڪم کي شروع ڪرڻ کان پهريان 20 (**ويهہ**) پيرا پڙهي وٺي اِنْ شَآءَاللّٰه اهو ڪم سندس مرضيءَ مطابق پورو ٿيندو.

(92) يَا نُوْرُ: جيڪو 7 (**سَت**) پيرا سورة نور ۽ 1001 (**هڪ هزار هڪ**) پيرا ”يَا نُورُ“ پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه سندس دل روشن ٿي ويندي.

(93) يَا هَادِيُ: جيڪو آسمان ڏانهن مُنهن ڪري هٿ کڻي هن اسم مبارڪ کي ڪثرت سان پڙهي ۽ اُهي هٿ پنهنجي واتَ ۽ اکين سان لڳائي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه اهلِ معرفت جو مرتبو ماڻيندو

(94) يَا بَدِيْعُ: جنهن کي ڪو سخت ڏکيو ڪم (**يا مسئلو**) درپيش هجي تہ اهو 70،000 (**ستر هزار**) پيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه ڪاميابي ماڻيندو.

(95) يَا بَاقِيُ: جيڪو سج اُڀرڻ کان اڳ ۾ 100 (سؤ) پيرا روزانو پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه ڏک کان محفوظ رهندو.

(96) يَا وَارِثُ: جيڪو هن جو ورد ڪري اِنْ شَآءَاللّٰه سندس جمار ڊگهي ٿيندي.

(97) يَا رَشِيْدُ: جيڪو شخص ڪنهن ڪم جي تدبير (حڪمت عملي) نہ ڄاڻيندو هجي تہ اهو مغرب (سج لٿي) ۽ عشاء (سومهڻيءَ) جي وچ ۾ 1000 (هڪ هزار) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَالله صحيح تدبير سندس دل ۾ اچي ويندي.

(98) يَا صَبُوْرُ: جنهن کي ڏک، سُور، يا مُصيبت پيش اچي 33 (ٽيٽيهہ) ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَالله سُڪون ملي ويندو.

(99) يَا مُؤَخِّرُ: جيڪو هن اسم شريف کي ڪنهن بہ نماز کانپوءِ 100 (سؤ) ڀيرا پڙهندو تہ اِنْ شَآءَالله سندس دل **الله** تعاليٰ جي محبت ۾ ان جي ياد ۾ رهندي.

## ٽلوڪار دعوتِ اسلامي ۾ ڪيئن آيو؟

اي عاشقانِ رسول! هر وقت دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو اِنْ شَآءَالله ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿيندو جيئن تہ ملير (ڪراچي سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريباً 27 سال) جو بيان ڪجھ هن طرح آهي تہ مون کي ننڍپڻ ۾ نعتون پڙهڻ جو شوق هو، گهريلو تقريبن ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن فرمائشي گانو ڳائيندو هيس، آواز سٺو هئڻ سبب داد ملندو هو جنهن سان مان ”خوش“ ٿيندو هيس. جڏهن تورو وڏو ٿيس تہ گِٽار (هڪ قِسم جو موسيقي اوزار) سکڻ جو شوق ٿيو، پوءِ مون باقاعده سکڻ جي لاءِ اڪيڊمي ۾ داخلا ورتي، ڪيئي سالن تائين سکڻ کانپوءِ مون گانن جي مقابلن ۾ حصّو وٺڻ شروع ڪيو، ڪيئي ٽي وي چينلن تي بہ ڳاتو، وقت سان گڏوگڏ شهرت بہ ملندي وئي پوءِ مون کي دبئي جي وڏي پروگرام

۾ شرڪت جو موقعو مليو، اُتان هند (ڀارت) هليو ويس جتي تقريباً
ڇهہ مهينن تائين ڳائڻ جي مختلف مقابلن ۾ حصّو ورتو، وڏن
فنڪشنن ۽ فلمن ۾ ڳانا ڳاتا ۽ ڪافي نالو ۽ مال ڪمايو پوءِ
گلوڪارن جي ٽيم سان دنيا جي مختلف ملڪن ڪينيڊا (ٽورنٽو،
وِينڪُوَر)، امريڪ جي 10 رياستن (شڪاگو، لاس انجيلس، سَان
فرانسِڪو وغيره)، انگلينڊ (لنڊن) ۾ ويس. جڏهن ڪجهہ عرصي جي
لاءِ وطن آيس تہ اهل خانہ ۽ مُحلّي وارن تمام گهڻو داد ڏنو،
جيتوڻيڪ نفس ان سان گهڻو خوش ٿيو پر دل جي دنيا بي سڪون
هئي، ڪا ڪمي محسوس ٿي رهي هئي، دل روحانيت جي طلبگار
هئي، نماز جي لاءِ مسجد اچڻ وڃڻ ٿيو تہ اُتي عشاء جي نماز کان
پوءِ ٿيڻ واري فيضان سنت جي درس ۾ شرڪت جي سعادت ملي،
درس سٺو لڳو، تنهنڪري مان ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ ويهڻ لڳس پر
دل و دماغ تي هرهر ملڪ کان ٻاهر وڃڻ، خوب ڳائڻ وڄائڻ، مال
دولت ڪمائڻ ۽ شهرت حاصل ڪرڻ جي ڌُن سوار هئي، درس
ڪانپوءِ اسلامي ڀاءُ جيئن ئي انفرادي ڪوشش شروع ڪندو هو مان
بهانو ٻڌائي نڪري ويندو هيس. هڪ رات خواب ۾ دعوتِ اسلامي
جي هڪ مبلغ جي زيارت ٿي جيڪو بلند جڳهہ تي ويهي مون کي
سڏي رهيو هو ڇڻ تہ مونکي گناهن جي دلدل مان نڪرڻ تي اپاري
رهيو هو، جڏهن صبح سوير اٿيس تہ پنهنجي هاڻوڪي اندازِ زندگي
بابت ڪجهہ دير غورو فڪر ڪيو پر ساڳي گناهن ڀري حالت رهي.
ڪجهہ عرصي کان پوءِ هڪ ٻيو خواب ڏٺو جنهن مونکي ڏڪائي
ڇڏيو! ڇا ڏٺو ڏسان جو مان مري چڪو آهيان ۽ منهنجي لاش کي
غسل ڏنو پيو وڃي پوءِ مون پاڻ کي دوزخ ۾ ڏٺو، ان وقت مون پاڻ

ڪي ائين بي وس محسوس ڪيو جو زندگي ۾ ڪڏهن ائين ڪونہ محسوس ڪيو هو، هاڻي مون پاڻ کي مخاطب ڪندي چيو:”تو وڏو مشهور ٿيڻ چاهيو ٿي، ڏنئي پنهنجي اوقات!“ صبح جيئن جو اک کُلي تہ مان پگهر ۾ شَل هيس ۽ منهنجو سڄو جسم ڏکي رهيو هو ۽ ائين محسوس پئي ٿيو جڻ هڪ ڀيرو ٻيهر موقعو ڏئي مونکي دنيا ۾ موڪليو ويو آهي، هاڻي مون ڪان ڳائڻ وڄائڻ مڪمل وسري چڪو هو. مون گناهن کان سچي توبہ ڪئي پڪو ارادو ڪيو تہ آئنده ڪنهن بہ صورت ۾ ڳائڻ وڄائڻ ڪونہ ڪندس. جڏهن گهر وارن کي هن ڳالهہ جي خبر پئي تہ انهن سخت مُزاحَمَت ڪئي پر الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان منهنجو ذهن ٺهڃي چڪو هو، تنهنڪري مان پنهنجي فيصلي تي قائم رهيس. مون کي خواب ۾ ٻيهر انهيءَ مبلغِ دعوتِ اسلامي جي زيارت ٿي، انهن منهنجي حوصلہ افزائي ڪئي. الله جي هن ارشاد مبارڪ: وَ الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۶۹﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** جن اسان جي واٽ ۾ ڪوشش ڪئي ضرور اسان انهن کي پنهنجو رستو ڏيکاريندا سين ۽ بيشڪ الله نيڪن سان گڏ آهي. (پ21، العنڪبوت:69) جي مصداق مونکي دعوتِ اسلامي ۾ استقامت ملندي وئي. مون نمازن جي پابندي شروع ڪئي، پنهنجي چهري تي ڏاڙهي سجائي ورتي ۽ پنهنجي مٿي تي سبزسبز عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو. اڳ ۾ مان ڳانن جا شعر پڙهندو هيس هاڻي مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيندڙ ڪتب و رسائل جو مطالعو ڪرڻ منهنجو معمول ٺهجي ويو. هڪ رات ڪو ڪتاب پڙهندي پڙهندي جڏهن سُتس تہ منهنجي قسمت جاڳي پئي ۽ مون کي خواب ۾ پنهنجي آقا و موليٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي جنهن تي مان پنهنجي رب جو جيترو شڪر ادا ڪيان سُو گهٽ آهي. پوءِ مفتيءِ دعوت اسلامي حضرت علامہ حافظ مفتي محمد فاروق عطاري مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لاڳيتو برساتن ٿيڻ جي ڪري جڏهن قبر مبارڪ کُلي تہ سندن صحيح سلامت جسم، تازو ڪفن، سبزسبزعمامي ۽ زُلفن جا جلوا ڏسي مان خوشي مان جهومي پيس تہ دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿيڻ وارن تي الله پاڪ ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڇا تہ ڪرم و احسان آهي. مدني ڪم ڪندي ڪندي گلوڪار جنيد شيخ مدني ماحول جي برڪت سان اڄ جو مبلّغ و نعت خوان بڻجي ويو، اَلْحَمْدُلِلّٰه تادم تحرير (هي تحرير لکڻ وقت) مونکي دعوتِ اسلامي جي ذيلي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان مسجد اردو بازار ۾ فيضان سنت جو درس ڏيڻ، صداءِ مدينہ لڳائڻ يعني نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ، علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي سعادت حاصل آهي. الله پاڪ مون کي سچي حياتي مدني ماحول ۾ استقامت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 99 اَسماءِ حُسنٰي جي خواب ۾ ترغيب

اي عاشقانِ رسول! دنيا جي مشهور و معروف اڳوڻي گلوڪار جنيد شيخ اها ”مدني بهار“ لکرائڻ کان چند ڏينهن پوءِ سگِ مدينہ (يعني اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) کي ٻڌايو تہ ” اَلْحَمْدُلِلّٰه ڪجھ ڏينهن پهريان ئي مون کي هڪ ڀيرو ٻيهر سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار نصيب ٿيو، جنهن ۾ الله پاڪ جا اَسماءُ

اَلۡحُسۡنيٰ ياد ڪرڻ جو اشارو مليو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اهي مون ياد ڪري ورتا آهن.“ پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سبحان الله! هونئن ته حديثِ پاڪ ۾ 99 اَسۡمَاءُ اَلۡحُسۡنيٰ ياد ڪرڻ جي فضيلت موجود آهي پر خوش نصيبي جو آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿي پنهنجي ديواني کي خصوصيت سان انهن نالن کي ياد ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي. 99 اَسۡمَاءُ اَلۡحُسۡنيٰ جي فضيلت پڙهو ۽ جهومو: الله ڪريم جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: الله جا نوانوي نالا آهن جنهن انهن کي ياد ڪيو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (بخاري شريف، ڪتاب الشروط، جلد6 ص 229، حديث:2736. دار الڪتب العلميه بيروت)

(وڌيڪ معلومات جي لاءِ ”نزهة القاري شرح صحيح بخاري“ صفحو 895 کان 898 ملاحظ فرمايو)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد